21

# ڪاٽيون ۽ صحت
# Mining and Health


| هن باب ۾: | صفحو |
|---|---|
| ڪاٽين ڪوٽڻ سبب پيدا ٿيندڙ صحت جا مسئلا | 472 |
| قصو: ڪاٽين جي ڪوٽائي ۾ ڊيني قبيلو | 473 |
| سماجي مسئلا | 474 |
| ٻارن جو بچاءُ | 475 |
| قصو: ڪَاٽِين جي ٻارن لاءِ اسڪول ۾ ڪاڌ خوراڪ | 475 |
| دز سبب پيدا ٿيندڙ بيماريون | 476 |
| قصو: ڪاٽيون ڪوٽيندڙن ڪي ٿيندڙ سليڪوسس جو علاج | 480 |
| سلهه | 481 |
| ڪِنو پاٽي | 482 |
| قصو: برادريءَ جي مدد سان نديءَ جو بچاءُ ٿئي ٿو | 483 |
| ڪاڻ جو تيزابي وهڪرو | 484 |
| ڪاٽين ڪوٽڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪيميائي مادا | 485 |
| ڳورا ڌاتو | 487 |
| پاري جو زهر | 488 |
| يورئنيم جا شعاع | 491 |
| ڪاٽين وارا ماڳ ۾ سلامتي | 492 |
| ڪاٽين جي معيار زندگي وڌائڻ لاءِ منظم ٿيڻ | 493 |
| قصو: ڪامٽيون عورتون سهڪاري تنظيم جوڙين ٿيون | 493 |
| وڏين ڪمپنين ڪي جوابده بنائڻ | 494 |
| ائسبيسٽوس جا ڪاٽيا آخر پنهنجو ڪيس ڪٽي ويا | 494 |
| جڏهن ڪا ڪاڻ بند ڪئي وڃي ٿي | 495 |
| ذميواري سان ٿيندڙ ڪوٽائي | 497 |

# ڪاڻيون ۽ صحت



سون، چانديءِ ٽامي جهڙا ڌاتو هيرن ۽ ياقوت جهڙا جواهر ۽ يورينيم، ايئسبيسٽوس، ڪوئلي، واريءَ ۽ لوڻ جهڙيءَ معدنيات حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو زمين کوٽيندا رهن ٿا. اهڙو هر قسم جي کوٽائيءَ جو ڪم خطرناڪ ٿئي ٿو ته، ڪاڻين کوٽيندڙن لاءِ پيٽ گذر ڪرڻ سان گڏ پنهنجي صحت ۽ ماحول جو بچاءُ ڪرڻ به ڏکيو ٿئي ٿو. جڏهن ته، ڪي اهڙا طريقا به آهن جن رستي ڪاڻين کوٽڻ جو ڪم سلامتيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. عام طور تي ڪاڻين جي صنعت ڪي ڪاڻين جي کوٽائيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ هاڃيڪار طريقا استعمال ڪرڻ جو واحد طريقو برادرين رستي دٻاءُ وجهڻ ٿئي ٿو.

وڏيون وڏيون ڪمپنيون، ڪاڻين کوٽائڻ جو ڪم يا ته تمام ڪشاده کليل کاهين جهڙن مٿاڇرن يا زمين جي اونهائين ۾ ڪرائين ٿيون. ننڍي پئماني تي اهڙو ڪم مقامي ماڻهو ڪندا رهن ٿا. وڏي پئماني تي ٿيندڙ کوٽائيءَ ۾ جيئن ته زمين جي وڏن حصن جي صفائي ڪئي ويجي ٿي، وڏا ڪڏا ۽ سرنگهون کوٽيون وڃن ٿيون ۽ مٽيءَ جا وڏا وڏا ڍير هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل ڪيا وڃن ٿا ان سبب اهڙي هنڌ جي وڏي تباهي ٿئي ٿي. جڏهن ته، ننڍي پئماني تي ٿيندڙ ڪاڻين جي کوٽائيءَ سان پڻ ماڻهن ۽ ماحول کي ڇيهو رسي ٿو.

ڪاڻين جي کوٽائيءَ جون حالتون مختلف ٿي سگهن ٿيون جنهن جو مدار اتان جي سرزمين، ان جي قسم ۽ کوٽائي جي سائيز تي ٿئي ٿو. ڪاڻين جي کوٽائيءَ سبب صحت ۽ چڱڀلائيءَ کي پهچندڙ دور رس خطرن جي ڄاڻ رکڻ ۽ هر قسم جي ڪاڻين جي پيدا ٿيندڙ هاڃن کان اپائن وٺڻ سان ڪاڻيون کوٽيندڙن/ ڪَاڻِين ۽ سندن برادرين جي ٻين ڀاتين جي صحت جو بهتر طريقي سان بچاءُ ۽ سندن زندگيءَ جي معيار ۾ سڌارو آڻي سگهجي ٿو.



## کاڻين کوٽڻ سبب پيدا ٿيندڙ صحت جا مسئلا

کاڻين کوٽڻ دوران پيدا ٿيندڙ مختلف قسمن جا حادثا جهڙوڪ: باهيون لڳڻ، ڌماڪا ٿيڻ، کاڻيون ڌسڻ پورجي وڃڻ سبب کاڻيا ۽ سندن آسپاس وسندين ۾ رهندڙ فرد متاثر ٿين ٿا. نه رڳو ايترو پر جن هنڌن تي ڪو زمانو اڳ، کاڻيون کوٽيون يا کوٽائيءَ جو ڪم ڪيو ويو هو اتي جي رهواسين جي صحت پوءِ به ان هنڌ جي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ موجود کاڻين جي غلاظت ۽ ڪيميائي مادن سبب داءَ تي لڳل رهي ٿي. کاڻ ـ کوٽائي هيٺين ڪيترن طريقن سان صحت کي نقصان پهچائي سگهي ٿي.

- **دز، ڪيميائي مادن جو وهڻ، هاڃيڪار بخار، ڳورا ڌاتو ۽ شعاعن** سبب پورهيت زهر ۾ مبتلا ٿين ٿا، ايلرجون ۽ صحت جا ڪيترا دور رس ۽ ترت تي پوندڙ مسئلا پيدا ڪن ٿا.
- **ڳورو وزن کڻڻ** ۽ جسم کي اڏنگن حالتن ۾ آڻي ڪم ڪرڻ سان تنگن، ٻانهن ۽ چيلهه جي ضربجڻ جو خطرو پيدا ٿئي ٿو.
- **ڳوريون ڊرل مشينون، جئڪ هٿوڙا** (jack hammers) يا اهڙي ٻئي قسم جون **لرزشون پيدا ڪندڙ مشينون** استعمال ڪرڻ سان اعصابن ۽ رت جي دوري کي نقصان رسي ٿو حِس ختم ٿي وڃي ٿي، انتهائي خطرناڪ قسمن جا انفيڪشن جهڙوڪ گئنگرين (gangrene) تي پوڻ سميت ماڻهو مري به سگهي ٿو.
- **مشينن مان پيدا ٿيندڙ وڏو/ زوردار لاڳيتو گوڙ** ٻڌڻ جا مسئلا ۽ ٻوڙاپ پيدا ڪري سگهي ٿو.
- **ڊگهي عرصي تائين زير زمين** رهي ڪم ڪرڻ سبب جتي گهٽ روشني موجود هجي ديد کي نقصان پهچي سگهي ٿو.
- **تمام گرم حالتن ۾ ڪم ڪرڻ** دوران جڏهن گهربل مقدار ۾ پاڻي نه پيتو ويندو هجي تڏهن گرمي لڳي سگهي ٿي. جنهن جون نشانيون غشي، ڪمزوري، دل جو تيز ڌڪو سخت تاس ۽ بيهوشي ٿي سگهي ٿي.
- کاڻين ۾ ڪم ڪرائيندڙ ڪمپنين پاران **مزدورن جي ڀرتي ۽ انهن جون عادتون** انهن جي خاندانن، پاڙيسرين ۽ برادرين ۾ ڦوٽ پيدا ڪن ٿيون. جنهن سبب انهن جو سماجي ڍانچو ڏانوادول، شخصي دٻاءَ سميت سڄيءَ برادري ذهني صحت جي مسئلن ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿي.



- **پاڻيءَ جي غلاظت ۽ پاڻيءَ جي وسيلن جي حد کان وڌيڪ استعمال** ڪرڻ سان صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا (ڏسو ب 5 ۽ 6).
- **زمين ۽ مٽي تباهه** ٿي وڃڻ سبب کاڌ خوراڪ جي اٽاٽ ۽ بک بدحالي ٿئي ٿي.
- **هوا جي غلاظت** جنهن جو ڪارڻ پاور هائوس ۽ سوڌيندڙ ڪارخانا ٿين ٿا گنڀير بيماريون پيدا ڪري ٿي. (ڏسو ص.16).

## ڪاٽين جي کوٽائي ۽ ڊيني قبيلي ۾ بيماري

الهندي اميريڪا جي ريگستان جو ڊيني (Dineh) قبيلو ۽ ٻيا اصل رهاڪو ٻڌائيندا آهن ته خلقٽهار هن ڌرتيءَ تي ٻن قسمن جو پيلو پائوڊر پيدا ڪيو. جنهن مان هڪ مڪئي جو پيلو بور آهي. ڊينين لاءِ مڪئي هڪ پوتر ڪاڌو آهي ۽ ان جو بور مذهبي رسمن ۾ استعمال ڪيو ويجي ٿو. جڏهن ته اهڙي هڪ ٻئي پيلي پائوڊر کي "پيلي ڪيڪ" يا يورينيم (uranium) جي نالي سان سڏين ٿا. ڊينين جو ويساهه آهي ته يورينيم سدا لاءِ زمين اندر ئي رهڻو آهي ۽ ان کي نه ته کوٽڻو ۽ نه ئي استعمال ڪرڻو آهي.

1940 جي ڏهاڪي ۾ جڏهن اميريڪي سرڪار کي يورينيم مان ائٽمي يا نيوڪليائي هٿيارن ۽ نيوڪليائي توانائيءَ ناهڻ جي گُرن جي خبر پيئي ته ڪاٽيون کوٽيندڙ ڪمپنين ڊينين جي زمين مان يورينيم جي کوٽائي ڪرڻ شروع ڪئي. ڊيني قبيلي جا نوجوان جيڪي اڳ ۾ رڍون پالي پنهنجي زندگي گذاريندا هيا تن هاڻ وڏي شوق سان يورينيم جي ڪاٽين ۾ کوٽائيءَ جا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا. ائين يورينيم جي کوٽائيءَ رستي پئسو ڪمائڻ سندن لاءِ هڪ تمام اهم وسيلو ٿي پيو پر ڪيترن سالن ڪانپوءِ يورينيم جي کوٽائيءَ جي ڪم سبب ڪيترائي ڊيني ماڻهو سخت بيمار ٿي پيا.

سرڪار ۽ کوٽائي ڪندڙ ڪمپنين کي يورينيم جي کوٽائيءَ جي خطرن جي ته اڳ ۾ سڌ هئي پر ڪاٽين ۾ سندن ڪٽنبن کي اجان ان جو ثبوت لهڻو هو. ڪيترائي ڊيني نوجوان يورينيم جي شعاعن جي موتمار اثرن سبب جوانيءَ ۾ ئي موت جي منهن ۾ هليا ويا. ڪيترن عورتن جا ٻار ڇڪيءَ اڇڻ سبب ڪري پيا يا ڪين عيبدار اولاد ڄمندي رهي ۽ صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ٿيندا رهيا. ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙن کي ڦڦرن جي ڪينسر ۽ ساهه جون بيماريون ٿي پيون. ڪيترن مان ته گهمڻ ڦرڻ جي سگهه ختم ٿي ويئي. نه رڳو ايترو پر ڪاٽين پرسان رهندڙ مالُ ۽ رڍون بيمار ٿي ۽ ڪير ۽ اُن ڏيڻ کان اڳ ۾ مري ٿي ويون.

اهي مسئلا 50 سالن کان مٿي عرصي تائين هلندا رهيا. نيٺ سال 2005 ۾ ڊينين پنهنجيءَ زمين مان يورينيم جي کوٽائيءَ ڪرڻ تي بندش هنئي تنهن هوندي به اتي يورينيم جون سوين ويران ڪاٽيون ۽ زهريلي گند ڪچري جا ڍير موجود هيا. اميريڪي سرڪار ڪن ڪٽنبن کي، جن جا ٻاتي يورينيم جي زهريلي اثرن سبب موت جو شڪار ٿي ويا تن کي معاوضو ته ڏيندي رهي ٿي پر ايترو گهٽو نه. ساڳئي وقت ڊينين تي نيوڪليائي صنعت جو وڏيڪ ڪاٽيون کوٽڻ لاءِ تمام گهڻو دٻاءُ پڻ آهي.

ڊينين جي زمين ۾، سڄيءَ اميريڪا جي پيٽ ۾ ڪوئلي جا وڏي ۾ وڏا ڀنڊار به موجود آهن. يورينيم جي ڪاٽين جي بند ٿيڻ سان هاڻ ڪوئلي جي کوٽائي رڳو اهڙو ڌنڌو وڃي رهيو آهي جنهن مان ڊيني ماڻهو سٺو پئسا ڪمائي رهيا آهن. جڏهن ته ڪوئلي جي کوٽائي به ماڻهن ۽ ماحول جي صحت لاءِ خطرناڪ آهي نه رڳو تڏهن جڏهن ڪوئلو زمين مان کوٽي ڪڍيو وڃي ٿو پر تڏهن پڻ جڏهن ٻاري منجهائنس بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي.

ڪيترن ماڻهن جيان ڊينين کي به اهڙي مڪياري ڏني ويئي آهي ته اهي پنهنجيءَ اَيري صحت ۽ غربت مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪن. جڏهن ته سندن لاءِ بهتر مڪيارين هجڻ لاءِ ضروري آهي ته اهڙين ڪيترين ڳالهين ۾ تبديلي آندي وڃي خاص طور تي نسل پرستيءَ جو خاتمو ڪيو وڃي ته جيئن مقامي ماڻهو پنهنجين وسندين، وسيلن ۽ مستقبل جي وڻج واپار تي پنهنجو حق ۽ اهو پنهنجي هٿ وس رکي سگهن. هونئن ته سڄيءَ دنيا کي پر خاص طور تي اميريڪا کي لازمي طور تي توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوئلي ۽ يورينيم کان گهٽ هاڃيڪار طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن.

# سماجي مسئلا

ڪاٺين ڪوٽڻ لاءِ جڏهن ماڻهو خطرناڪ حالتن ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ زهريلن ڪيميائي مادن ۾ وائڪا ٿين ٿا تڏهن سندن صحت سئين سڌي متاثر ٿئي ٿي ته ان سبب پيدا ٿيندڙ سماجي مسئلا پڻ ماڻهن جي صحت تي اثرانداز ٿين ٿا. جن ڳوٺن ۽ وسندين ۾ ڪاٺين جي کوٽائي ڪئي وڃي ٿي اهي جلد ترقي ته ڪن ٿا پر نه جهڙيءَ رٿابنديءَ ۽ سوچ ويچار جي. ان سبب عام طور تي ڪيترائي مسئلا پيدا ٿين ٿا. مرد ڪاٺين ۾ ڪم جي تلاش ۾ اچن ٿا ۽ آمدني جون گهرجائون عورتون جنسي ورڪر (sex workers) تي پون ٿيون. اهڙي ڳانڍاپي سبب ايچ آءِ وي / ايڊس ۽ ٻيون جنسي وچڙندڙ بيماريون ترت پکڙجڻ لڳن ٿيون. ڪاٺين کوٽڻ سان حاصل ٿيندڙ ترت اميري ۽ ترت غريبي عام طور تي ٻارن ۽ عورتن تي تشدد، ڪاٺين جي مالڪن جون پورهيتن سان بي واجبيون ۽ وسيلن ڦٻائڻ جي چڪر ۾ جهيڙن جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿيون. جنهنڪري گهڻا ماڻهو تشدد سبب اهڙي وسندي ڇڏڻ تي مجبور ٿين ٿا يا سندن لاءِ اهڙي هنڌ تي ايئن زندگي گذارڻ ڏکي ٿي پوندي جيئن ڪاٺين جي کوٽائيءَ کان اڳ گذاريندڙ هيا.




عام طور تي، ڪاٺين جي ڪم رستي لکين ماڻهن کي اهڙين وسندين ۽ علائقن ۾ روزگار ملي ٿو جتي اڳ ۾ آمدنيءَ جا معمولي وسيلا موجود هجن ٿا. جڏهن ته زمير ستابو نٿو رکي سگهي. ڪاٺيون کوٽيـ ته اهي، زمين جي آخري حصي ۾ بـ پرپور طريقي سان استعمال ڪري ا ماحول جو تينوال ڪري ڇڏين ٿا.




اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته، جڏهن ڪاٺيون کوٽيندڙ پورهيت گڏجي منظم ٿي ڪا تنظيم ناهين ٿا تڏهن ئي هو پنهنجي فضيلت پري زندگي گذارڻ سميت انساني ۽ ماحولي صحت جو به بچاءُ ڪري سگهن ٿا. ڪاٺين جي يونينن پنهنجين اتحادين سان گڏجي، ۽ نافذ ڪرائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي جن رستي هو پنهنجي صحت ۽ سلامتيءَ جو بچاءُ ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته عام طور تي يونينون، پنهنجين نوڪرين حاصل ڪرڻ ۽ آمدني وڌائڻ جهڙن عارضي مفادن کي وڏيڪ اهميت ڏين ٿيون بنسبت پنهنجي صحت جي دائمي مسئلن کي منهن ڏيڻ جي جيڪي کوٽائي ۽ معدنيات جي استعمال سبب پيدا ٿين ٿيون (جهڙوڪ توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوئلي جي ٻارڻ سبب ٿيندڙ غلاظت).

جڏهن ڪاٺين کوٽڻ جو ڪو به ڪم گهڻو خطرناڪ، غير صحت بخش يا غلاظت پيدا ڪندڙ هجي ته اهو بند ڪرڻ گهرجي ۽ ان لاءِ پورهيتن کي بيروزگار ڪرڻ يا بک مرڻ نه ڏجي. برادرين کي لازمي طور تي اهڙين رٿائن ناهڻ جي گهر ڪرڻ گهرجي جن ۾ سندن چڱيلائيءَ ۽ پيٽ گذر حاصل ڪرڻ جي گنجائش موجود هجي ۽ کاڻ بند ٿيڻ جي صورت ۾ سندن لاءِ معاوضي جون رٿون موجود هجڻ گهرجن.

## دز سبب پيدا ٿيندڙ بيماريون



پٿرن ۾ معدنيات جي دز ڦڦڙن جي تباهيءَ ۾ صحت جو هڪ وڏو مسئلو ٿئي ٿي. چاهي اهڙي کوٽائي زير زمين ڪجي يا زمين جي مٿاڇري تي توهان جا ڦڦڙ هينين سببن ڪري تباهه ٿي سگهن ٿا جيڪڏهن:

- دز توهانجن ڪپڙن، جسم ۾ اوزارن تي ڪم دوران پوندي رهي.
- توهانکي گهٽي کنگهه تي پوي ۾ ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيندي هجي.

جيڪڏهن دز سبب هڪ دفعو ڦڦڙ تباهه ٿي وڃن ته اهڙي تباهيءَ مان نوبنو ٿي نٿو سگهجي. دز نه رڳو ڪاٽيون کوٽيندڙن ته آسپاس جي وسندين لاءِ به هڪ خطرناڪ ٿئي ٿي.

دز جي سيني قسمن مان وڏ ۾ وڏ هاجيڪار ڪوئلي جي دز ٿئي ٿي جيڪا **بلئڪ لنگ ڊزيز** (black lung disease)، سليڪا جي دز **سليڪوسس** (silicosis) ته ائسبيسٽوس جي، ائسبيسٽوسس جي بيماري (ص. 371) پيدا ڪري ٿي جڏهن ته ڳورن ڌاتن (ص. 337) جي دز پڻ خطرناڪ ٿئي ٿي.

## ڦڦر جي تباهيءَ جون نشانيون



ڪاٽين جي دز سبب ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿي سگهي ٿي. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته دز جي گهٽي مقدار سبب ڦڦڙ پاڻيٽ سان پرجي سڃي وڃن. دز سبب ڦڦڙ جي تباهيءَ جون هينيون نشانيون ٿي سگهن ٿيون:

- ساهه جي لڪائي، کنگهه، ڪُرتيو.
- سائو يا پيلو بلغم کنگهڻ (اهڙو بلغم ڦڦڙن مان خارج ٿئي ٿو).
- نڙيءَ جي سوزش
- ڪنن يا چپن جي چمڙيءَ جو نيرا اڀجڻ
- بخار
- ڇاتيءَ جو سور
- بک نه لڳڻ
- ساٽائي

بلئڪ لنگ ڊزيز ۾ سليڪوسس توڙي ائسبيسٽوسس گنڀير قسمن جون بيماريون آهن ۾ انهن جو ڪو به علاج ٿي نٿو سگهي. تنهنڪري بهتر اهڙي هاجيڪار دز کان بچاءُ ڪرڻ ٿئي ٿو. جيئن ته اهي بيماريون، تمام جلد بدتر ٿي وڃن ٿيون تنهنڪري جڏهن انهن جون نشانيون پيدا ٿين ٿيون تڏهن توهان رڳو ايترو ڪري سگهو ٿا ته جيئن اهي بدتر ٿي نه سگهن. جيڪڏهن توهانکي مٿين مان ڪا به نشاني ظاهر ٿيندي هجي يا اهڙي قسم جي دز ۾ واڳڪا ٿيا آهيو ته هڪدم ڪنهن هيلٿ ورڪر سان ملو.

جيئن ته تماڪ ڇڪڻ سان، دز سبب ڦڦڙن جي تباهه ٿيڻ جا امڪان گهڻا وڌي وڃن ٿا تنهنڪري ڪاٽيون کوٽيندڙن لاءِ خاص طور تي تماڪ نه ڇڪڻ لازم ٿئي ٿو.

## بلئڪ لنگ ڊزيز ۾ سليڪوسس

جڏهن ڪوئلي جي دز ڦڦڙن کي ڀنجي چڙهي ٿي ته بلئڪ ڊزيز ٿي پوي ٿي، ساهه کڻڻ جا سنگين ۾ دائمي مسئلا پيدا ٿين ٿا. زير زمين ڪاٽيون کوٽيندڙ ٻار ۾ عورتون جيڪي ڪوئلي ۾ پٿرن چونڊڻ جو ڪم ڪندڙ ٿين ٿا بلئڪ لنگ بيماريءَ ۾ گهڻو متاثر ٿين ٿا.

سليڪوسس، سليڪا دز ۾ ساهه کڻڻ سبب ٿئي ٿي. سليڪا هڪ اهڙي عام معدنيات آهي جيڪا کوٽائيءَ دوران، واريءَ ۾ پٿرن مان خارج ٿي ڪيترن پورهيتن کي متاثر ڪري وجهي ٿي.

## علاج

بلئڪ لنگ ۽ سليڪوسس جو علاج ٿي نٿو سگهي. جڏهن ته انهن جي پيڙا کي گهٽائي سگهجي ٿو جنهن لاءِ:



- گهڻو پاڻي پيئندا رهو ته جيئن ڦڦڙن مان بلغم ڪي نرم ٿي خارج ٿيڻ ۾ سهوليت ٿي سگهي.
- ساهه لنگهه ڪليل رکو. هڪ موڪرو ٿانو گرم پاڻيءَ جي خارج ٿيندڙ ٻاڦ سان پري ڪنهن تيز بوءِ واريءَ ٻوٽي جهڙوڪ: سفيدي (eucalyptus)، ساٿر (oregano) يا ڦودني سان پري پنهنجي منڍي ٿانو مٿان جهلي ڪنهن ڪپڙي يا بوڇڻ سان ڍڪي ٻاڦ ۾ ساهه کڻو. ايئن هڪ وقت ۾ رڳو 15 منٽن تائين ۽ روزانو ڪيترائي ڀيرا ڪريو.
- **برانڪوڊائليٽر** (bronchodilators) سڏجندڙ دوائن جي استعمال سان ساهه لنگهه کلي سگهن ٿا. انهن ۾ ساهه رستي استعمال ٿيندڙ ترت اثر ڏيکارين ٿا.
- اهڙي فرد کي ساهه کڻڻ ۾ وڌيڪ سهوليت خاطر اسپتال ۾ آڪسيجن به ڏئي سگهجي ٿي.
- گهر ۾ کنگهه جو شربت ناهي تڪليف ڏيندڙ کنگهه گهٽائي سگهجي ٿي انلاءِ:




- ڪن ماڻهن جو ويساهه آهي ته ٻڌري جون شيون جهڙوڪ: ڪير، چيز ۽ مکڻ استعمال ڪرڻ سان بلغم گهاٽو ٿي وڃي ٿو جنهن سبب اهو خارج ڪرڻ ۾ ڏکيائپ ٿئي ٿي. جيڪڏهن اهڙين شين کائڻ سان توهانجي تڪليف وڌي وڃي ٿي ته اهي تيستائين نه کائو جيستائين انهن جو ڪو بيو سٺو طاقتور نعم البدل ملي نٿو سگهي.

**اهم ڳالهه**: اها ڳالهه درست ناهي ته الڪوحل/ شراب پيئڻ سان ڦڦڙن مان دز خارج ٿي وڃي ٿي. جڏهن ته شراب پيئڻ سان صحت جا مسئلا وڌيڪ خراب ٿي وڃن ٿا.

### صحت سان لاڳاپيل مسئلا

بلئڪ لنگ ۽ سليڪوسس جي مريضن ۾ ٻين ڪيترين ئي بيمارين ٿيڻ جا گهڻا امڪان موجود ٿين ٿا. جهڙوڪ:

- سلهه/ ٽي بي (ڏسو ص. 356 ۽ 481)
- شديد برنڪائيٽس/ ڦڦڙن جي سوج (ڏسو ص. 331)
- دل جي بيماري
- ڦڦڙن جي ڪينسر
- نمونيا
- دم/ سهڪو (ڏسو ص. 331)
- سنڌن جو سڪڻ/ ريوميٽوائڊ آرٿرائيٽس
- لوپس (چمڙيءَ جون بيماريون)
- سنڌن جو بخار/ ريوميٽڪ فيور
- اسڪليروسس

وڌيڪ معلومات لاءِ صحت بابت ڪو به عام ڪتاب جهڙوڪ "جت ويج نه طبيب" ڏسو.

## دز جي تڪليف کان بچاءُ

دز جو جيترو مقدار ساهه رستي گهٽ ۾ گهٽ ڪٽبو اوترو ڦڦڙن کي تباهه ٿيڻ کان بچائي سگهبو.

**ڪاڻيون کوٽائيندڙن کي ڪاڻين ۾ دز گهٽائڻ لاءِ سامان ڏيڻ گهرجي**

- زير زمين ڪاڻين ۾ تازي هوا موڪلڻ گهرجي ۽ ڪاڻين ۾ مٿاڇري ڏانهن هوا جا ڪيترائي لنگهه هجڻ گهرجن. هوائي پمپن ۽ پکن رستي تازي هوا اندر اماڻي ۽ دز ۽ گندي هوا ٻاهر نيڪال ڪري سگهجي ٿي.




- پاڻيءَ جي ڦوهارن رستي دز کي گهمائي ويهاري سگهجي ٿو. ڪن مٿانهن هنڌن تي پاڻيءَ جي ٽانڪيءَ ۾ پاڻي ڀري اهو ڪنهن پمپ يا سوراخدار پائيپن جي ڄار يا شاور هيڊس رستي هيٺ ڪيرائي سگهجي ٿو. ان ڪم لاءِ جيڪو پاڻي پيئڻ جوڳو نه هجي استعمال ڪرڻ سنو ٿئي ٿو. جڏهن ته، کوٽائي ڪندڙن کي جهجهو تازو پاڻي پيئڻو پوي ٿو.
  - ڪٽڻ ۽ گسائڻ لاءِ اهڙا اوزار / مشينون استعمال ڪجن جيڪي پاڻيءَ جو ڦوهارو هڻندا ته دز ٻه ويهاريندا رهن ٿا.

**ڪاڻين کوٽيندڙن کي اهڙو سامان مهيا ڪجي جيڪو ساهه ۾ دز وڃڻ کان بچاءُ ڪري**

- ڏماڪي وارن هنڌن کي ڍڪڻ لاءِ، ڪتيل ڇن جو پتر ۽ بلئنڪٽ مهيا ڪرڻ گهرجن
- مناسب مکوٽا / ماسڪ ڏيڻ ۽ پڪ ڪرڻ ته اهي صاف سٿرا استعمال ڪيا ۽ سنڀالي رکيا وڃن ٿا (ڏسو ضميمو A)

پورهيتن کي هڪ اهڙيءَ جاءِ جي به ضرورت ٿئي ٿي جتي اهي ڪاڻين وارا هنڌ ڇڏڻ کان اڳ ۾ دز وارا ڪپڙا مٽائي وهنجي سهنجي وٺن ۽ هڪ اهڙي صاف سٿري جاءِ جتي پنهنجا ڪپڙا رکي سگهن. ڪاڻيون کوٽائيندڙن تي اها به ذميواري ٿئي ٿي ته اهي آسپاس جي وسندين تائين ڪاڻين جي دز روڪڻ لاءِ جوڳا اُپاءَ ڳولهين.



دز کان بچائيندڙ مکوٽن جي لاڳيتي استعمال ۽ صاف ڪندي رهڻ سان ڦڦڙن کي نقصان پهچڻ کان بچاءُ ٿئي ٿو

**اهم ڳالهه:** دز ماري سگهي ٿي. کوٽائي ڪندڙن کي اهڙن سيني طريقن اختيار ڪرڻ جي گهر ڪرڻ جو حق پهچي ٿو جنهن سان دز گهٽائي سگهجي ٿي. جنهن ۾ بچاءَ جون مشينون به اچي وڃن ٿيون جيڪي ڪمپنيءَ کي مهيا ڪرڻيون پون ٿيون. دز بچائيندڙ مکوٽا رڳو تڏهن ئي ڦڦڙن جو بچاءُ ڪري سگهن ٿا جڏهن اهي صحيح طريقي سان ڦبي ٻيهندڙ ۽ هر هر صاف ڪبا رهجن. جيڪڏهن ڪاغذي مکوٽا استعمال ڪجن ته اهي هر هر صاف ڪبا رهجن. جڏهن ته، پلاسٽڪ، ڪپڙي يا ٻوڙڻ جي حالت ۾ اهي هر هر ڏوٽبا رهجن.

**ڪاٽيون ڪوٽيندڙ ساهه رستي داخل ٿيندڙ دز جي مقدار کي گهٽائي سگهن ٿا**

- **ڪنهن به هنڌ کي ڪٽڻ يا سوراخ ڪرڻ کان اڳ ۾ آلو** ڪريو ته جيئن دز پيدا ٿي نه سگهي
- **ڪٽيل چونو هاري ڇڏيو** ته جيئن سليڪا يا ڪوئلي جي دز هوا سان ملي نه سگهي
- **ڌماڪي يا گسائي ڪرڻ کان اڳ ۾** اهڙن هنڌن کي آلي بلئنڪيٽ يا تارپلين سان ڍڪي ڇڏيو ته جيئن منجهن ئي دز ڦاسي پوي. ڌماڪي يا گسائي ڪرڻ ڪانپوءِ اهڙي هنڌ تي پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪري ڇڏيو.
- **دز کي ويهڻ ڏيو.** ڌماڪي ڪرڻ ڪانپوءِ ۽ اهڙي هنڌ تي وڃڻ کان اڳ ۾ انتظار ڪريو ته جيئن دز ويهجي وڃي.
- **بچاءَ جي پوشاڪ ۽ سامان استعمال ڪريو.** ڪاٽين ڪوٽيندڙن لاءِ سڀ کان بهتر مکوٽو ربڙائي رسپائريٽر ٿئي ٿو جيڪو ڦِڪي بيهي ۽ توهان جنهن قسم جي مواد سان ڪم ڪريو ٿا ان آهر منجهس چاٽيون/ فلٽر ٿين ٿا. ڪاٽيون ڪوٽيندڙن کي مکوٽن جي چونڊ، استعمال ۽ سنڀالڻ جهڙين ڳالهين جي سکيا وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪوبه، دز-مکوٽو ملي نه سگهي ته ٻٽ ٻڌي ڇڏيو ۽ اها روزانو ڌوئي صاف ڪندا رهو. عينڪون ۽ گاگلس توهانجي اکين جو بچاءُ ڪندا (بچاءَ جي اوزارن لاءِ وڌيڪ ڏسو ضميمو. A)
- **کائڻ، پيئڻ يا تماڪ ڇڪڻ ۽ ڪم دوران ۽ ڪم ڪانپوءِ هٿ ... ڌوئيندا رهو**



- **سامان هر هر ڌوئيندا رهو.** دز لڳل ٿيلهين کي نه ڇنڊيو جو ڇ سان وڌيڪ دز هوا سان ملندي رهندي. ان بجاءِ ٿيلهيون/ ٿيلهه ڌوئي ڇڏيو. پر جي ڇنڊڻ ضروري ٿي پون ته اهڙي طرف ڇنڊيو جيئن هوا، دز توهان کان پري کڻي وڃي. ڪپڙي جي ٿيلهن ۾ وڌيڪ دز گڏ ٿئي ٿي انڪري جي ممڪن ٿي سگهي پلاسٽڪ جا ٿيلها استعمال ڪريو.

**ڪاڻ جي دز کي پنهنجي گهر ۾ وڃڻ کان بچايو.**

- ڪم تان لهڻ ڪانپوءِ ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ وهنجي سهنجي پاڪ صاف ڪريو.
- ڪم تي پاتل دز وارا ڪپڙا اتي (ڪاڻ اندر) ئي لاهي اچو يا پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ مٽائي ڇڏيو.



- ڪنهن آلي موئي يا پوچيءَ سان فرش صاف ڪري ڇڏيو. ٻهارڻ سان دز هوا سان ملندي رهندي.
- جيڪڏهن ٻاهر دز هجي ته در دريون بند ڪري ڇڏيو. پر جي توهانجي گهر کي ڪو در ۽ دري ئي ناهي ته انهن تي ڳڳها پردا يا ڪيلن جا وڏا پن ٽنگي ڇڏيو.

## ڪاٽيون ڪوٽيندڙن کي ٽيندڙ سليڪوسس جو علاج

انڊيا جي لعل ڪوئان (Lal Kuan) ڳوٺ ۾ رڳو ڪاٽين جي ڪوٽائيءَ ۽ پٿر ڪٽڻ جو ڪم ٿئي ٿو. جنهن سبب سڄو ڳوٺ دز جي هڪ تلهي تهه سان ڍڪيل رهي ٿو. اتي ايتري ته دز ٿئي ٿي جو ڏسڻ ۾ به تڪليف ٿئي ٿي. گهڻا ماڻهو ته ساهه به تڪليف سان کڻي سگهن ٿا.

ٻڌ رام، اڄ کان 20 سال اڳ لعل ڪوئان ۾ پٿر ڪٽيندڙ مشين هلائڻ لاءِ آيو هو. 10 سالن کانپوءِ کيس ساهه کڻڻ ۾ تڪليف شروع ٿي ته هڪ سرڪاري اسپتال ۾ سندس علاج ڪيو ويو. سلهه جي دوائن مان کيس سال کن ته فائدو ٿيو پر هو وري بيمار ٿي پيو. ايئن بيمار ٿي پوندڙ ٻڌ رام اڪيلو نه هيو. ڪيترن سالن تائين سلهه جي دوا ڪرائڻ کانپوءِ ڪيترائي ڳوٺاڻا سيني جي شديد سور ۽ ساهه کڻڻ جي جستجوءَ ۾ فوت ٿي ويا.

جڏهن انساني حقن ۽ سوشل ريسرچ سينٽر جي ڪوآرڊينيٽر، ايس آي آزاد، لعل ڪوئان آيو هو تڏهن سندس مقصد ڳوٺاڻن کي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارڻ هيو. پر هن جڏهن ڏٺو ته، ڳوٺاڻا وڏي تعداد ۾ مري رهيا آهن ته هن پنهنجو اصل مقصد وساري ڳوٺاڻن جي علاج ۽ بيماريءَ جي معاوضي لاءِ سندن مدد ڪرڻ شروع ڪئي.

آزاد محسوس ڪيو ته پورهيتن جو علاج سلهه لاءِ ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته سندن موت جو ڪارڻ سليڪوسس جي بيماري آهي. ٻڌ رام جيان ڪيترن پورهيتن کي اها به سڌ نه هئي ته سليڪوسس بيماري ڇا ٿيندي آهي. جڏهن ته، ڪاٽيون ڪوٽيندڙن به سليڪوسس بيماري بابت ڄاڻڻ نٿي چاهيو. ڇو ته، انڊيا جي قانون هيٺ اهڙن ڪمن وارن هنڌن تي ٿيندڙ بيمارين جا ذميوار ڪاٽين جا ٺيڪيدار هيا. تنهڪري ڪاٽيون ڪوٽائيندڙن لاءِ اهو ٿي بهتر هيو ته جيئن ڪنهنکي به اها خبر پئجي نه سگهي ته مزدور، سليڪوسس سبب مري رهيا آهن.

آزاد ٻين ڪيترين ئي تنظيمن جي سهڪار سان سليڪوسس ۾ مبتلا ماڻهن کي معاوضي ڏيڻ ۽ پرگهور لهڻ جي حمايت حاصل ڪئي. ايئن ڪيترن سالن جي ڪوشش کانپوءِ دهلي جي وزيراعليٰ، لعل ڪوئان ۾ ميٽنگ ڪرڻ ۽ ماڻهن جي درد ڪٿا ٻڌڻ لاءِ راضي ٿيو. ميٽنگ هڪ وڏي سوڀ ثابت ٿي. وزير اعليٰ، آزاد ۽ لعل ڪوئان جي ماڻهن جي مطالبن مڃڻ جو اعلان ڪيو.

هاڻ ڪيترن سالن جي پيڙا کانپوءِ لعل ڪوئان ڳوٺ ۾ هڪ ڪميونٽي سينٽر آهي جتي ڪم سان لاڳاپيل بيمارين جو علاج ڪيو وڃي ٿو. هفتي ۾ 4 ڏينهن هڪ موبائل اسپتال ان علائقي جو چڪر هڻي مفت ۾ ماڻهن کي تپاسي ۽ دوائون ڏئي ٿي. سرڪار، لعل ڪوئان جي هيلٿ سروي ۽ سليڪوسس جي شڪار ماڻهن کي پينشن ڏيڻ، سکيا ڏيڻ ۽ آمدنيءَ جا ٻيا وسيلا تلاشڻ ۽ پنهنجين ڪٽنبن جي سهائتا ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي.




اهڙيءَ سوڀ کانپوءِ ڪاٽِين ۾ ڪم ڪندڙن ۽ ڳوٺاڻن ۾ بهتريءَ جو هڪ نئون احساس پيدا ٿيو آهي. جيتوڻيڪ لعل ڪوئان جي هوا اڃان تائين دز سان ڀريل رهي ٿي تنهن هوندي به اها بهتر آئيندي جي اميدن سان ڀرپور آهي.

# سلهه / ٽي بي

جيئن تہ ڪاٽِيا، عام طور تي ڳتيل حالتن ۾ رهن، پيٽ پري ڪائڻ بنا ڏگهي عرصي تائين ڪم ڪندا رهن ٿا، ڪين صحت سنڀال ۾ دوا درمل جهڙيون سهولتون مڙيوئي حاصل ٿين ٿيون تنهنڪري ڪين سلهه (TB) ٿي پوڻ جا وڏا امڪان ٿين ٿا. سلهه جي نشانين جي هڪ نشاني اهڙي خراب ڪنگهه آهي جيڪا ڇڏي نٿي سگهي، ڪنگهڻ سان رت اچي ٿي، ڪمزوري محسوس ٿئي ٿي، وزن گهٽجي وڃي ٿو ۽ رات جو پگهر اچي ٿو. جيڪڏهن صحيح علاج نہ ڪرائجي تہ اهڙو فرد، نہ رڳو پين تائين سلهه جي بيماري پکيڙي ٿو تہ پاڻ بہ مري سگهي ٿو.

سلهہ ڪنهن بہ فرد لاءِ موتمار ٿي سگهي ٿي. جڏهن تہ، خاص طور تي اهڙن ماڻهن لاءِ وڌيڪ خطرناڪ جيڪي بک يا ائڊس / ايچ آءِ ويءَ سبب ڪمزور ٿي وڃن ٿا. جڏهن دز سبب ڦڦڙ تباهہ ٿي ويا هجن تہ تڏهن سلهه ٿيڻ جو خطرو ٽهائين وڌي وڃي ٿو.



جڏهن ماڻهو ڳتيل حالتن ۾ رهن ٿا جهڙوڪ: ڪاٽين جا ڪمرا تڏهن سلهہ تيزيءَ سان پکڙجي سگهي ٿي.

هوا جي سٺي گذر سان ڪاٽين ۾ ڪاٽِين جي رهائشي هنڌن يا گهرن ۾ سلهه جي پکڙجڻ جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا. ڪاٽِين يا ڪنهن بہ پورهيت کي سلهه کان بچائڻ جو بهتر طريقو سٺي صحت برقرار رکڻ لاءِ هيٺين ڳالهين رستي سٺيون حالتون پيدا ڪرڻ ٿئي ٿو:

- سٺو اجورو
- صاف پاڻي
- پورهئي جو گهٽ وقت
- صحت بخش کاڌو
- ڪم ڪرڻ جون سلامتيءَ واريون حالتون
- سٺي صحت سنڀال
- رهائش جون محفوظ ۽ صاف حالتون

سلهه جي پکڙجڻ کان بچڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو تہ، سلهه جي متاثر هر فرد کي لازمي طور تي صحيح علاج ۽ دوائون ملن. ڪيترين حڪومتون سلهه جو مفت علاج ڪن ٿيون. سلهه جون دوائون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن هيلٿ ورڪر سان ملو (سلهه بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ص. 356 يا صحت جو ڪو بہ عام ڪتاب جهڙوڪ: "جت ويڄ نہ طبيب").

# ڪِنو پاڻي

ڪاٽين ڪوٽڻ لاءِ وافر مقدار ۾ پاڻي استعمال ڪيو وڃي ٿو جنهن سبب پاڻيءَ جو گهڻو مقدار خارج ٿي، پاڻيءَ جي وسيلن ڪي جن تي ماڻهن جو گذر سفر ٿئي ٿو گندو ۽ غليظ ڪندو رهي ٿو. جڏهن ته ڪاٽين جي سيني ڪمن ۾ پاڻي غليظ ٿي وڃي ٿو ته وڏيون ڪمپنيون عام طور تي وڏا مسئلا پيدا ڪن ٿيون. ڪاٽجڻ وارن هنڌن جي جرَ ۽ مٿاڇري جو پاڻي ڪيترن سالن تائين گندو ۽ غليظ رهي ٿو. پاڻيءَ جي ضايع ٿيڻ سبب اهڙي زمين بنجر ٿي، کيتي ڪرڻ يا مال پالڻ لاءِ بيڪار ٿي وڃي ٿي. پاڻيءَ جي ڪني ٿيندي رهڻ جو نقصان ڏگهي عرصي تائين هلي ٿو بنسبت ڪاٽجڻ جي حاصل ٿيندڙ عارضي فائدن جي.




## پاڻيءَ جي غلاظت کان بچڻ ۽ گهٽائڻ

ڪاٽجندڙ هنڌن جا سمنڊڙ ڏبا ۽ تلاءَ، پاڻيءَ جي غلاظت پيدا ڪرڻ جو هڪ مکيو ذريعو ٿين ٿا.

اهڙي غلاظت روڪڻ لاءِ ڪنا دبا ۽ تلاءَ هميشه:

- پاڻيءَ جي ذريعن يا ڇنن جي وهڪرن وارن علائقن کان پري ناهڻ گهرجن.
- انهن کي پلستر ڪري ڇڏجي ته جيئن جَر جي پاڻيءَ ۾ سمي نه سگهن.
- جيتري قدر بهتر ٿي سگهي، بين الاقوامي معيارن مطابق ناهڻ گهرجن.
- سمڻ ۽ وهڻ لاءِ سدائين چڪاسبا رهجن.
- جڏهن ڪاٽجڻ جو ڪم پورو ٿي وڃي ته اهي هنڌ غلاظتن کان خالي ڪري، سنيءَ طرح ۽ محفوظ طريقي سان بند ڪري ڇڏجن.

جڏهن ڪاٽجڻ سبب هڪ ڀيرو به پاڻي ڪنو ٿي وڃي ٿو تڏهن اهڙي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ ڏکيو ۽ مهانگو ٿئي ٿو ۽ ان ڪم ۾ سدائين ڪامياب به نٿو ٿجي.

## برادريءَ جي مدد سان نديءَ جو بچاءُ ٿئي ٿو

فلپائين جي اتر ۾، ابرا (Abra) ندي جابلو مٿاهن هنڌن کان وهندي هيٺاهان پٽ ۾ پوڪون لنگهندي ڏکڻ چائنا سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. اَبرا نديءَ سان رهندڙ ڪيتريون آباديون ۽ برادريون ڪيترن نسلن تائين زراعت، مڇي مارڻ، دستڪاري ۽ ننڍي پئماني تي سون ۽ ٽامي جي کوٽائيءَ رستي پنهنجو گذرسفر ڪنديون رهن ٿيون. جڏهن ته، گذريل ڪجھ سالن کان وڏين ڪمپنين اتي سون جي ڳولها ۾ کوٽائي ڪرڻ شروع ڪئي آهي. جنهن سبب نديءَ، جهنگلي جيوت ۽ اتي جي رهواسين کي وڏو ڇيهو رسيو آهي. کاڻ ڪمپنين ٻيلا وڍي، کاڻين کوٽڻ جا ڪم شروع ته ڪيا پر ان سان نديءَ وهڪرا جن رستي اها تار ٿيندي وهندي ٿي رهي لٽ سان ڀرجي سڪي ويا. جنهن سبب ڪيترائي پکي، جانور ۽ وڻ ٽڻ ختم ٿي ويا آهن. ندي ڪِنن دٻن ۽ تلائن جي پاڻيءَ ۾ کاڻين جي تيزابي وهڪرن ڪري زهريلي ٿي ويئي آهي. اَبرا سان رهندڙ ماڻهو مٿي جي سور، ڦيري، کنگھ، سيني جي سور، نڪ ۽ اکين جي ساڙي، چمڙي تي ڳاڙهن داغن ۽ دستن جي بيمارين ۾ لوڙي رهيا آهن ته، هر سال گهٽجندڙ زراعت سبب بک ۽ بدحاليءَ ڪري دائمي مسئلا به پيدا ٿي پيا آهن.

اهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ مقامي ماڻهن "ابرا ندي بچايو" (Save the Abra River Movement) نالي هڪ تحريڪ جنهنکي استارم (STARM) به سڏين ٿا شروع ڪئي آهي. جنهن جو ڪم زمين جو بچاءُ ڪرڻ ۽ پاڻيءَ جي حقن جو مختلف طريقن سان تحفظ ڪرڻ آهي. استارم، برادرين ۽ سرڪاري ڪامورن کي کاڻين کوٽڻ جي خطرن بابت به تعليم ڏيندي رهي ٿي. دعوائون داخل ڪري ۽ جلوس وغيره منظم ڪري پنهنجا مطالبا ٻين تائين پهچائي ٿي. مقامي يونيورسٽين جي سامان ۽ سائنسدانن سان ڀائيچاري جي بنياد تي پاڻيءَ جي معيار جي چڪاس ڪرائي ٿي ته مقامي تنظيمون سندس لاءِ شاهد ۽ سونها ٿين ۽ پاڻيءَ جا نمونا گڏ ڪن ٿيون.



رڳو موبائيل فون ۽ ڪئميرائن سان مسلح ٿي برادريءَ جي پاڻي تي نظر رکندڙ ٽيمون هڪٻئي کي غيرمعمولي ڳالهين بابت آگاھ ڪنديون رهن ٿيون. مثال طور، جڏهن هيٺاهين وهڪري ۾ وڏي تعداد ۾ مڇي مرڻ لڳي ٿي ته مٿاهين وهڪري جي وسندين جي اڳواڻن جاچ پڙتال مان ڏٺو ته کاڻين مان وهي ايندڙ ڪني پاڻيءَ مان غيررواجي طور تي ڪيميائي بوءِ اچي رهي آهي. جنهن بابت يونيورسٽيءَ جي سائنسدانن کي هوشيار ڪيو ويو. جن هڪدم پاڻيءَ جا نمونا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا ته جيئن نديءَ جي پاڻيءَ ۾ زهريلن مادن جي موجودگيءَ جي چڪاس ڪري سگهجي.

ابرا نديءَ سان اڃان تائين کاڻين جي خطرناڪ کوٽائي ٿي رهي. جڏهن ته ساڳئي وقت استارم، ڪمپنين تي اهڙو دٻاءُ به وڌائي رهي آهي ته جيئن اهي پنهنجيون وڌ ۾ وڌ خطرناڪ سرگرميون بند ڪري سگهن، ساڳئي وقت برادريون پنهنجي سٺي ۽ صحتمند ماحول هجڻ جي حق لاءِ به ڪوششون ڪري رهيون آهن.

# ڪاڻ جو تيزابي وهڪرو

ڪنهن ڪاڻ جو تيزابي وهڪرو تڏهن خارج ٿئي ٿو جڏهن زمين جي اونهائيءَ ۾ پاڻيءَ ۽ هوا، گندرف (sulfur) سان ملي هڪ اهڙو تيزاب پيدا ڪري ٿو جيڪو ڳورن ڌاتن ۽ ڪاڻ جي زهريلي غلاظت کي ڳاري ڇڏي ٿو. اهڙي زهريلي ملاوت پٿرن کي ڳاري زمين، جر جي پاڻيءَ، ندين ۽ ڍنڍن تائين رسي وڃي ٿي. شروعات ۾ ته اهڙن خطرن جون نه جهڙپون نشانيون پيدا ٿين ٿيون پر پوءِ، پاڻيءَ ۾ موجود اهڙا زهر آهستي آهستي ماڻهن، مڇيءَ، ٻوٽن ۽ جانورن کي بيمار ڪرڻ شروع ڪن ٿا. اهڙي ڪنهن ڪاڻ جو زهريلو پاڻي هيناهين وهڪري جي صورت ۾ سوين يا هزارين سالن تائين وهندو هر قسم جي زندگي تباهه ڪندو رهي ٿو.

ايئن ڪنهن به قسم جي ڪاڻ مان، تيزابي وهڪرو پيدا ٿي سگهي ٿو. جيئن ته اهڙي ڪنهن وهڪري کي روڪڻ جهڙوڪر ناممڪن ٿئي ٿو تنهنڪري **ڪمپنين کي ڪنهن ڪاڻ جي کوٽائي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ثابت ڪرڻ گهرجي ته ان زمين ۾ سلفائيڊ موجود ڪونهي** جنهن سبب تيزابي وهڪرو پيدا ٿي نه سگهندو. ڪنهن ڪاڻ جي تيزابي وهڪري جو اپاءُ وٺڻ، صفائي ڪرڻ يا غلاظت ختم ڪرڻ ايتري ته مهانگي ۽ ڏکي ٿئي ٿي جو جن ملڪن ۾ طاقتور ماحولياتي قانون موجود آهن اتي به اهڙي ندي هزارين ڪلوميٽرن ۾ غليظ ٿي ويل هجي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن ڪاڻ جي تيزابي وهڪري خلاف مهم هلائي وڃي ته ڪمپني اهڙي کوٽائي ڪرڻ جو ڪم ٿي شروع ڪري نه سگهندي.




زهريلي ڪاڻ جو وهڪرو لهوارن وهڪرن کي زهريلو ڪري ٿو ۽ ان کي صاف ڪرڻ جهڙوڪر ناممڪن ٿئي ٿو.

### ڪاڻ جي زهريلي وهڪري خلاف قدم کڻو

- اهڙين ڇڏي ڏنل ڪاٺين جي سڃاڻپ ڪري انهن جي ساک وارن سائنسدانن کان تپاس ڪرايو. پر اهڙي تپاس، ڪاڻ جي کوٽائي ڪندڙ ڪمپنيءَ کان نه ڪرايو جو هو توهان سان ڪوڙ ڳالهائيندا.
- اهڙي ڪاڻ ڪمپنيءَ کان اِي آءِ اَي رپورٽ جي گهر ڪريو جنهن ۾ ڪاڻ جي زهريلي وهڪري جو به ذڪر هجڻ گهرجي (ڏسو ص. 560).
- سکو ته ڪاٺين جي چڪاس ڪيئن ڪجي ۽ ان ڪم ۾ برادريءَ کي شامل ڪري پڪ ڪريو ته اهي سڀ سلامت آهن (ڏسو وسيلا).
- ان ڳالهه تي زور ڏيو ته، ڪاڻ جي زهريلي وهڪري کان بچڻ جو رڳو محفوظ طريقو ان جو شروعات ۾ اپاءُ وٺڻ آهي.

# ڪاڻين کوٽڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪيميائي مادا

ڪاڻين کوٽڻ ۽ معدنيات سوڌڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪيميائي وڪر زمين، پاڻي ۽ هوا کي غليظ ڪرڻ سميت ڪاڻين جي آسپاس ۾ رهندڙن ماڻهن ۽ پورهيتن لاءِ به صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ڪن ٿا. ڪاڻين کوٽڻ لاءِ استعمال ٿيندڙن زهريلن ڪيميائي مادن ۾ شامل آهن:

- سائنائيڊ (cyanide)، گندرف جو تيزاب (sulfuric acid) ۽ ٻيا جيڪي معدنيات کي خام مال مان ڌار ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجن ٿا
- شوري جو تيزاب (nitric acid)
- اميونيم نائٽريٽ (ammonium nitrate) ۽ فيول آئل (AFNO) جيڪو سرنگهن کي ڌماڪي سان اڏائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو
- پاري، شيهي ۽ يوري‌نيم جهڙا ڳورا ڌاتو
- پيٽرول، ڊيزل، موٽر گاڏين ۽ اوزارن جا خارج ٿيندڙ بخار
- ويلڊنگ ڪرڻ ۽ ڳنڍڻ لاءِ ائسيٽائيلن (acetylene)

## سائنائيڊ




سائنائيڊ جي استعمال سان، ڪچ ڌاتوءَ مان سون الڳ ڪيو ويجي ٿو. نج حالتن ۾ سائنائيڊ بي رنگ ٿئي ٿو ۽ منجهس ڪوڙيءَ بادامي جهڙي بوءِ ٿئي ٿي. جڏهن ٻين ڪيميائي وڪرن سان ملي ٿو ته اهڙي بوءِ ختم ٿي ويجي ٿي. سائنائيڊ پائوڊر، پاٽيٽ يا گئس جي صورت ۾ ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

ڪائڻ سان موتمار ٿئي ٿي. چانور جيتري ذرڙي به ڪنهن ماڻهوءَ جي مرڻ لاءِ ڪافي ٿئي ٿي. ڊگهي عرصي تائين نج مقدار سان لڳاتار لاڳاپي ۾ رهڻ سان ڳچيءَ جو ڳوڙهو (goiter) پيدا ڪري وجهي ٿو جيڪو ناقص غذائيت سبب به ٿي سگهي ٿو.

سائنائيڊ عام طور تي سون جي ڳولها دوران ڪاڻين جي پاڻيءَ جي وهڪرن سان وهي پوي ٿو ۽ جڏهن ڊُٻا ۽ تلاءَ ڪاڻين جي غلاظت سان ڀرجي وڃن ٿا ته اٿلي وهي پون ٿا. ڪاڻ-ڪمپنيون چونديون آهن ته، پاڻيءَ ۾ سائنائيڊ وهائڻ سان جلد ئي ضرر ٿي ويجي ٿو. جڏهن ته اصل ۾ ايئن رڳو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن جهجهي اس ۽ آڪسيجن موجود هجي پر پوءِ به ان جا ڪيترائي هاڃيڪار ڪيميائي وڪر باقي رهجي وڃن ٿا. پر جڏهن سائنائيڊ زمين ۾ وهي وڃي، جهڙالي موسم هجي يا وسڪارو ٿيندو هجي تڏهن سائنائيڊ هڪ ڊگهي عرصي تائين هاڃيڪار ثابت ٿي ندين جي آسپاس مڇين ۽ ٻوٽن کي ماري ۽ اهڙو پاڻي، پيئڻ ۽ وهنجڻ لاءِ ناڪاره ڪري ڇڏي ٿي. سائنائيڊ ايتري ته خطرناڪ ٿئي ٿي جو دنيا جي ڪن ملڪن ۾ ان جي استعمال تي بندش پيل آهي.

## گندرف جو تيزاب

گندرف جو تيزاب، هڪ زهريلو ڪيميائي وڪر آهي جيڪو ڪاڻين مان ٽامي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو. ان ڪانسواءِ ڪاڻين کوٽڻ دوران باقيات طور ته پاڻيءَ ۽ ڳورن ڌاتن سان ملي، ڪاڻ جي تيزابي غلاظت طور خارج ٿئي ٿو. گندرف جي تيزاب مان ڪِنن آنن جهڙي بوءِ اچي ٿي ۽ لاڳاپي ۾ اچڻ سان ساڙي، انڌو ڪري ۽ ماري به سگهي ٿو.

## علاج

ڪاٽين وارن هنڌن تي ڪيميائي مادا استعمال ڪرڻ سان اهي چمڙي ۽ ڪپڙن تي هارجي، اکين ۾ پئجي يا بخارن جي صورت ۾ ساهه ۾ به وڃي سگهن ٿا. ايئن جيڪڏهن ڪو فرد متاثر ٿي پوي ته جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي طبي مدد حاصل ڪجي (وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ڏسو ضميمو A)

## بچاءُ

زهريلين ڪيميائي مادن سميت، ڳورن ڏاتن کان بچاءُ جو بهترين طريقو انهن جو استعمال نه ڪرڻ آهي. پر جيڪڏهن مجبوريءَ ۾ اهڙن وڪرن جو استعمال ڪرڻو پوي ٿو ته انهن کان بچاءَ ۽ انهن جي هاڃي گهٽائڻ جا ڪي طريقا موجود آهن جهڙوڪ:

- جڏهن به ممڪن ٿي سگهي بچاءَ جو سامان استعمال ڪريو (ڏسو ضميمو A)
- روزانو ڪيترائي دفعا هٿ ملي صاف ڪندا رهو. زهريلن مادن ۽ وڪرن پرسان يا انهن جي ڪم دوران نه ته پنهنجي منهن کي ڇهو، تماڪ ڇڪيو ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي فرد کي ڇهو جيسيتائين توهان پنهنجا هٿ ڌوئي صاف نٿا ڪريو.
- گُهر ڪريو ته ڪاٽيون کوٽائيندڙ دز ۽ پاڻيءَ جي غلاظت گهٽائين
- ڪڏهن به اهڙي هنڌ تي نه کائو پيئو جتي ڪيميائي مادا استعمال ڪيا، ملايا يا گدام ڪيا وڃن ٿا.
- ڪيميائي مادا سلامتيءَ سان سانڍي رکو.

### ڪيميائي مادا گڏ ڪري رکڻ

ڪيترائي ڪيميائي مادا باهه لڳڻ جو سبب ٿي، ڌماڪي سان ڦاٽي يا زهريليون گئسون خارج ڪري سگهن ٿا. تنهنڪري ڪيميائي وڪرن کي سلامتيءَ سان رکڻ سان حادثن کان بچي ۽ ڪاٽين وارن هنڌن تي هاڃن کي گهٽائي سگهجي ٿو ان سبب ڪيميائي مادا سدائين اهڙن هنڌن کان پري سانڍجن جيڪي:

- ڌماڪيدار مادن، بجليءَ جي ذريعن، پاڻيءَ جي هر قسم جي ذريعي ۽ موٽرگاڏين کان پري هجن
- جتي ماڻهو کائين پيئن ٿا




- اهڙن دٻن / شيشن ۾ رکڻ ۽ انهن تي چٽن لفظن ۾ لکيل هجڻ ته منجهن کهڙي شئي پيل آهي. جيڪڏهن ڪو ڪيميائي مادو ڪنهن نئين دٻي، شيشي ۾ وجهجي ته متس ان ڪيميائي مادي جو نالو لکي ڇڏجي. ڪڏهن به ڪا ڪيميائي شئي کائڻ پيئڻ جي ڪنهن ٿانو يا برتن ۾ نه رکجي جو ممڪن آهي ته ڪو فرد اتفاق سان اهڙي شئي کائي يا پي وڃي. جڏهن اهڙو ڪيميائي شيشو يا دٻو خالي ٿي وڃي ته ڪڏهن به کاڌي يا پيتي جي ٿانو طور ڪتب نه آڻجي، پوءِ پلي ته اهو ڪيترائي دفعا صاف ڇو نه ڪيو ويو هجي.
- اهڙن مضبوط ۽ تاليوارن ڪٻٽن ۾ جيڪي ڪيميائي شين جي رکڻ لاءِ ڪتب اچن ٿا بند ڪري ۽ متن نالا لکي رکجن.

# ڳورا ڌاتو

سينڪيي، پاري، ڪئڊميم، يورينيم ۽ شيهي جهڙا ڳورا ڌاتو تمام ننڍڙي وزن ۾ به ماڻهن لاءِ هاڃيڪار ٿين ٿا (ڏسو ص. 337). جيئن ته ڪاڌين وارن هنڌن تي، هڪ ئي وقت گهڻن قسمن جا ڌاتو لين ٿا تنهنڪري عام طور تي اهو سمجهي سگهڻ ڏکيو ٿئي ٿو ته، ڪهڙي ڌاتوءَ سبب صحت جا مسئلا پيدا ٿين ٿا.

جيڪڏهن توهانکي خبر آهي ته توهانجي علائقي ۾ ڪهڙن قسمن جا ڳورا ڌاتو ملي سگهن ٿا ۽ انهن جا صحت تي ڪهڙا اثر ٿين ٿا ته ان سان توهانکي ڪنهن ڳوري ڌاتوءَ سبب پيدا ٿيندڙ زهر کي سمجهڻ ۾ مدد ٿي سگهندي. ڪي ڪاڙيا، ڪاڌين کوٽائيندڙن کان گهر ڪندا آهن ته سندن تپاس ڪري ڏنو وڃي ته اهي ڪهڙن قسمن جي ڳورن ڌاتن ۾ واڪا ٿي رهيا آهن ۽ انهن کان بچاءَ جي ڪين سکيا ڏني وڃي.

**پاري** جي سڏي کوٽائي ڪئي وڃي ٿي ته سون کي ڪچ ڌاتوءَ کان الڳ ڪرڻ لاءِ به استعمال ڪيو وڃي ٿو

**شيهو** عام طور تي ٽامي، چاندي ۽ جست سان گڏ لڀي ٿو

**ٽامون** چانديءَ ۽ جست سان گڏ ٿئي ٿو

**سينڪيو** عام طور تي سون، ٽامي ۽ جست سان گڏ ملي ٿو

**ڪئڊميم** چاندي، ٽامي ۽ جست سان گڏ ٿئي ٿو

**اهم ڳالهه:** جيڪڏهن توهان روزانو ڳورن ڌاتن سان لاڳاپي ۾ رهو ٿا ته توهانکي ڪا به دوا انهن جي زهرن کان بچائي نٿي سگهي. اهڙي زهر کان بچڻ جو رڳو رستو ان زهر کان پري رهڻ آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن ڳوري ڌاتوءَ جي زهر ۾ مبتلا ٿي پيا آهيو تڏهن ممڪن آهي ته، توهانجي وسنديءَ ۾ ٻيا به متاثر ٿيا هجن.



## پاري جو زهر

جڏهن ڪو ماهر ڪاٺيو چاندي يا سون جي ڪچ ڏاتوءَ کي سوڌي ٿو تہ عام طور تي اهڙي ڪچ ڏاتوءَ ۾ پارو ملائي ٿو جنهنکي پيٽ يا پاري ميل (amalgam) سڏجي ٿو. جڏهن سون گڏ ڪرڻ لاءِ انکي گرم ڪيو وڃي ٿو تہ پارو گئس جي صورت ۾ خارج ٿي آسپاس ۾ موجود رهندڙ فردن جي ساهہ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. پارو تڏهن بہ گئس جي صورت وٺي سگهي ٿو جڏهن هارجي پوي ٿو يا ڪنهن ٿانو ۾ ڪليل رکي ڇڏجي ٿو. پاري جي بخارن ۾ ساهہ کڻڻ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. پارو تڏهن پڻ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو جڏهن چمڙي ۾ جذب ٿي وڃي ٿو يا ڪنهن جي هٿ رستي کاڌي سان ملي وڃي ٿو (ڏسو ص. 338).

پاري جي زهرجڻ جون ڪجهہ نشانيون اهڙيون بہ آهن جنکي مليريا جون سمجهي منجهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن توهان ڪنهن سون - کاڻ جي وسنديءَ جا رهواسي آهيو ۽ توهان تي مليريا جون دوائون اثر نہ ڪنديون هجن، تڏهن ڪنهن هيلٿ ورڪر سان ملي پاري جي زهرجڻ جي امڪان جي ڇنڊڇاڻ ڪريو.

پارو پاڻيءَ ۽ مٽيءَ سان ملي ڪيترن سالن تائين ماحول کي غليظ گندو ڪندو رهي ٿو. اڄ بہ اميريڪا جي شهر ڪئليفورنيا ۾ ڍنڍون ۽ نديون، 100 سالن گذرڻ کانپوءِ سون ڪاٺين جي کوٽائي سبب غلاظت جو شڪار آهن. (پاڻيءَ ۽ مڇين جي پاري جي زهرجڻ بابت وڌيڪ ڏسو ص.339).



## پاري جي زهرجڻ کان بچاءُ

چاندي ۽ سون جا ماهر ڪاٽيا، پاري جي ڪرٽڦل استعمال ڪرڻ سان پاري جي زهرجڻ کان بچي سگهن ٿا. ڇو ته، هن قسم جو ڪرٽڦل پاري جي گئس کي هوا سان شامل ٿيڻ کان روڪي ٿو. جنهن سبب ڪاٽين ۽ ٻين ماڻهن جي ساهه ۾ اهڙو زهر شامل ٿي نٿو سگهي. ساڳئي وقت ڪاٽيا، اهو ساڳيو پارو وري استعمال پڻ ڪري سگهن ٿا بجاءِ انجي ته اهو هوا ۾ ضايع ٿي وڃي.

هميشه پاري کان سون الڳ ڪرڻ لاءِ ڪليل هوا يا ڪنهن سٺي هوادار هنڌ تي ڪم ڪجي. ايئن ڪرڻ سان پاري جا ٻخار گهٽ گڏ ٿيندا ۽ آسپاس جي فردن کي به متاثر ڪري نه سگهندا. پاري سان ڪم ڪرڻ دوران ٿلها دستانا پائڻ گهرجن.

جڏهن ته سون جا ڪي ڪاٽيا، پاري گڏ ڪرڻ لاءِ، سون جي ٽئي مٿان رڳو ڪيلي جو پن رکي ڇڏين ٿا. جڏهن پارو گرم ٿي گئس جو روپ وٺي ٿو ته پن تي ئي پاڻيٺ ۾ مٽجي وڃي ٿو. اهڙي ٽئيءَ کي ڪيلي جي پن سان ڍڪڻ بهتر ٿئي ٿو بجاءِ انجي ته اها ڪليل ڇڏي ڏجي. پر ايئن ڪرڻ سان به پارو، پورهيتن ۽ ماحول کي زهريلو ڪندو رهي ٿو ته وري حاصل به ڪري نٿو سگهجي. جڏهن ته ان جو سٺو حل شيشي جو ڪرٽڦل ڪتب آڻڻ ٿئي ٿو.

پاري جا ڪيترن قسمن جا ڪرٽڦل ٿين ٿا. جن سڀني کي تيز ۽ سنئين سڌيءَ ٻاهه تي رکڻو پوي ٿو. جيڪڏهن اهڙي ٻاهه سان ڌوڻ (air blower) استعمال ڪجي ته ان سان جلد ۾ جلد سون حاصل ڪري سگهجي ٿو.

### هڪ ٽِئي جهڙو ڪرٽڦل ڪيئن ٺاهجي




جڏهن ٻاهه، پاري کي ٻخارن ۾ تبديل ڪندي ته اهي شيشي جي وٽي سان لڳي، پاڻيٺ ۾ مٽجي واريءَ جي پاسن ڏانهن وهڻ شروع ڪندا ۽ سون شيشي جي وٽي ۾ باقي رهجي ويندو.

## يورئنيم جا شعاع يا تابڪاري

يورئنيم هڪ اهڙي قسم جو ڌاتو آهي جنهن مان هاڃيڪار **تابڪاري** (radiation) يا شعاع خارج ٿين ٿا (ڏسو ص. 342). يورينيم جا شعاع ڪينسر، چمڙي جون بيماريون ۽ صحت جا گنڀير مسئلا پيدا ڪري وجهن ٿا. يورئنيم ڳولهڻ، سوڌڻ يا يورئنيم جي ڪاٽين يا ان جي گندڪچري جي ڍيرن ڀرسان رهڻ سبب ماڻهو يورئنيم ۾ وائڪا ٿين ٿا.

يورئنيم، ٻن شين ناهڻ لاءِ ڪتب اچي ٿو: ائٽمي يا نيوڪليائي هٿيار ۽ نيوڪليائي توانائي جيڪي ٻئي مهانگيون ۽ خطرناڪ هجڻ سميت انهن جي ضرورت به نٿي هجي. ڇو ته، ڪو به ائٽمي هٿيارن وارو ملڪ پنهنجن اڳواڻن يا فوج تي ويساهه ڪري نٿو سگهي، جيڪي ائٽمي هٿيار ماڻهن جي هڪ تمام وڏي انگ کي مارڻ لاءِ ناهين ٿا. جڏهن ته اصل ۾ اسانکي جيڪا شئي گهربل آهي اهو اَمن آهي.

ساڳئي طرح سان ائٽمي توانائي به خطرناڪ ٿئي ٿي جو ائٽمي بجلي گهرن ۾ ٿيندڙ حادثا هزارين انسانن کي ماري سگهن ٿا. ائٽمي توانائي جي پيدا ٿيندڙ غلاظت هزارين سالن تائين انتهائي خطرناڪ رهي ٿي ۽ ان جو ٻي ضرر طريقي سان اُڪلاءُ ڪري نٿو سگهجي. جڏهن ته، بجلي ٻين ڪيترين ئي صاف سٿرن ۽ سلامتيءَ وارن طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿي (ڏسو باب 23).



# ڪاڻين وارا ماڳ ۽ سلامتي

ڪاڻين جون ڪمپنيون ان ڳالهه جون ذميوار ٿين ٿيون ته، ڪاڻيون اهڙن طريقن سان کوٽين جيئن ڪنهن کي هاڃو رسي نه سگهي. ان سلسلي ۾ حڪومتون، ڪاڻيا ۽ انهن جون يونينون ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ جون ذميوار ٿين ٿيون ته ڪمپنيون ان تي عمل ڪن. پر بدقسمتيءَ سان ڪيتريون حڪومتون صحت، سلامتيءَ ۽ ماحولياتي قاعدا قانون نافذ نه ٿيون ڪرائين. (قانون ڪيئن نه انساني ۽ ڪاڻِين جي ماحولياتي حقن جو بچاءُ ڪن ٿا انجي وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ضميمو. B)

پورهيتن ۽ برادرين کي هاڃن کان بچڻ، معلومات ملڻ، اوزارن/ مشينن حاصل ڪرڻ ۽ سکيا وٺڻ جو حق آهي. ڪاڻِيا ۽ برادريون عام طور تي گڏجي تحفظي تنظيمون جوڙين ٿيون ته جيئن وڌ ۾ وڌ ممڪن حد تائين پڪ سان اهڙيون سلامتيءَ واريون حالتون پيدا ٿي سگهن. تحفظي تنظيمون هنگامي رٿائون به تيار ڪري سگهن ٿيون ته جيئن ڪنهن ڏکيءَ / ضربيل پورهيت کي علاج لاءِ نيئي ۽ خطري جي حالت ۾ ڪنهنکي اتان ٻاهر ڪيدي سگهجي.

ڪاڻيون کوٽائيندڙن کي نه رڳو سيني پورهيتن کي بچاءَ جو سامان ڏيڻو ته اهو سنيءَ حالت ۾ به رکڻو آهي. کين اهو به يقين ڪرڻو آهي ته، کوٽائيءَ جي هر سطح تي ترت طبي امداد ڏني وڃي ٿي ۽ اها سيني پورهيت کي سولائيءَ سان ملي سگهي ٿي (ڏسو ضميمو A). سڀ کان اهم ڳالهه ته سيني پورهيتن کي ڪاڻين جي پيدا ٿيندڙن هاڃن جهڙوڪ: ڪيميائي شين، استعمال ٿيندڙن ڏماڪيدار مادن ۽ ڇپن ڪرڻ بابت به سکيا ڏيڻي آهي.

ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ ته، ڪاڻين کوٽڻ سبب ماحول ۽ ڪاڻين جي ويجهو پاڻيءَ ۽ هوا کي گهٽ ۾ گهٽ ڇيهو رسي ٿو انهن جي غلاظت جي وقت به وقت چڪاس ڪرڻي آهي ته جيئن ڪنهن به پيدا ٿيندڙ غلاظت جي نشاني جي ڄاڻ رکي سگهجي. اهڙا فرد جيڪي زهريلن ڪيميائي مادن، حد کان وڌيڪ دز يا اهڙن ٻين خطرن ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا، تن جي هيلٿ ورڪرن جي، لاڳيتو بنيادن تي چڪاس ٿيندي رهڻي ۽ ڪنهن به مسئلي ۽ تڪليف ظاهر ٿيڻ شرط علاج ڪرڻو آهي.



## کاٽين جي معيار زندگي وڌائڻ لاءِ منظم ٿيڻ




کاٽيا چاڻن ٿا تہ گڏجي ڪم ڪرڻ سان اسان ڏونگر بہ ڏاري سگھون ٿا.

سڄي دنيا جي کاڻِين، پنھنجون يونينون ناهي، کاٽيون کوٽائيندڙ ڪمپنين کي قانونِ عمل ڪرائڻ ۽ حڪومتن کي اهي نافذ ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي پنھنجي معيار زندگي، صحت ۽ سلامتيءَ ۾ سڌارو آندو آهي. ساڳئي وقت اهڙيون منظم مهمون بہ هلايون آهن تہ جيئن، بين الاقوامي ٺاهن ۽ معاهدن تي عمل ڪري ڪاڻِين سان لاڳاپيل صحت ۽ سلامتيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي. کاٽين سميت بہ جڏهن ڏٺو تہ اهڙو ڪم، ماحول لاءِ ناجائز جوڏاتتو ۽ تباھہ ڪن ٿي سگھي ٿو تہ هڙتالن، مظاهرن ۽ ناڪابندين رستي کاٽين کوٽائڻ جا ڪم بند ڪرايا آهن.

### کامٽيون عورتون سهڪاري تنظيم جوڙين ٿيون

بوليويا ۾ کامٽيون عورتون (women miners)، کاٽين پرسان اڇلائجندڙ گندڪچري جي ڍيرن مان سون، چاندي ۽ جست جون ذريون پرزيون ڳولھينديون رهن ٿيون. ڪيترين عورتن کي سندن مڙسن جي کاٽين ۾ حادثاتي موت يا سليڪوسس سبب مرڻ کانپوءِ اهو ڪيو ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ٿو وڃي. جن لاءِ کين ڊگھي وقت تائين گندي پاڻيءَ ۾ بنا ڪنهن جسماني بچاءَ مهيا ڪرڻ جي ڪم ڪرڻو پوي ٿو. کين تمام گهٽ اجورو ڏنو وڃي ٿو. ماضيءَ ۾ سرڪار، انهن کي پورهيت مڃڻ لاءِ بہ تيار نہ هوندي هئي. اهي جهڙوڪر نڌڻڪا فرد هوندا هيا.

هڪ ڏينهن، هڪ کاٽيون کوٽيندڙ ڪمپنيءَ هڪ روڊ ٺاهڻ لاءِ اهڙي هنڌ تي ڌماڪا ڪرڻ شروع ڪيا جتي موجود گندڪچري جي ڍيرن تي ڪجھہ عورتون ڪم ڪري رهيون هيون. جنهن تي عورتن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي، پنهنجي آمدنيءَ جي اڪيلي ذريعي کي تباھہ ڪرڻ تي احتجاج ڪيو. احتجاج سان هو ڌماڪا تہ بند ڪرائي نہ سگھيون پر پنهنجن حقن لاءِ واڪا ڪنديون رهيون.

هنن گڏجي هڪ سهڪاري تنظيم جوڙي، جن ڪمپنين کان سندن خريد ڪيل رديءَ جي وڌيڪ پئسن جي گهر ڪئي. پر ڪمپنين کين وڌيڪ پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن تہ سرڪار سندن ڳالھہ سمجهندي هڪ قانون پاس ڪيو. جنهن هيٺ ڌماڪن سبب بيمار ٿيندڙ عورتون جيڪي ڪم تي وڃي نہ ٿي سگھيون تنکي اجوري ڏيڻ لاءِ ڪمپنين کي چيو. جيتوڻيڪ سندن لاءِ اها هڪ ننڍڙي سوڀ هئي تنهن هوندي بہ ان مان عورتون ۽ کاٽين جا ٻيا پورهيت، ايترا تہ اتساهيا جو هنن سهڪاري تنظيمون ۽ يونينون ٺاهڻ ۽ اهي سگھاريون ڪندي رهڻ جو ڪم جاري رکيو تہ انصاف لاءِ بہ هٿ پير هڻندا رهيا آهن.

## وڏين ڪمپنين کي جوابده بنائڻ

دنيا ۾ ڪيترين ڪاٽين جي کوٽائيءَ جو ڪم، وڏيون بين الاقوامي ڪمپنيون ڪرائن ٿيون جن جا هيڊڪوارٽر ڪاٽين کان گهڻو پري پنهنجن ملڪن ۾ ٿين ٿا جنهن سبب مٿن ڪنهن به تبديلي آڻڻ لاءِ دٻاءُ وجهي سگهڻ تمام ڏکيو ٿئي ٿو. جڏهن ته، سڄيءَ دنيا جي ماڻهن پاڻ کي منظم ڪري اهڙين ڪمپنين کي پنهنجن طريقن تبديل ڪرائڻ يا ڪاٽين کوٽڻ جا ڪم بند ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن.

### ائسبيسٽوس جا ڪاٽيا آخر پنهنجو ڪيس کٽي ويا

جڏهن آدري (Audrey) ٻار هئي تڏهن هوءَ برطانيه جي ڪئپ مائينگ (Cap Mining) ڪمپنيءَ جي هڪ ڪاڻ ۾ ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪم ڪندي هئي. سندس ڪم ائسبيسٽوس پائوڊر جي ڍيرن کي لتاڙڻ هوندو هيو ته جيئن اهو بورين ۾ سٽي جهازن رستي موڪلي سگهجي. هڪ نگران مٿس ۽ ٻين ٻارڙن تي نظر رکندڙ هوندو هو ته جيئن ڪو به ٻار لتاڙ جي ڪم ۾ ڪوتاهي نه ڪري سگهي. جيڪڏهن هوءَ لتاڙ بند ڪندي هئي ته ڪيس چهبڪ هنيو ويندو هو. آدري، ائسبيسٽوس ۾ ساهه کڻندي رهڻ سبب ٻين ڪيترن پورهيتن جيان تمام گهڻو بيمار ٿي پئي.

30 سالن کانپوءِ آدري، ڏکڻ آفريڪا جي ٻين هزارين پورهيتن سان گڏجي ان برٽش ڪمپنيءَ تي سندن بيمار ٿيڻ جي دعوى داخل ڪئي. ڪمپني 3 سالن تائين دليل ڏيندي رهي ته اهو ڪيس، ڏکڻ آفريڪا جي ڪورٽن ۾ هلڻ گهرجي. آدريءَ ۽ ٻيا پورهيت جن سان گڏجي هن پورهيو ڪيو هو تن جو ويساهه هيو ته ڏکڻ آفريڪا جي ڪا به ڪورٽ، هڪ اهڙيءَ وڏيءَ ڪمپنيءَ خلاف جنهن ملڪ ۾ جهجهو ناڻو آندو آهي ڪين انصاف نه ڏيندي. آندريءَ ۽ ٻين ڪيترن، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڃي اتي جي ماڻهن کي پنهنجي درد جا داستان ٻڌائي سندن سهائتا حاصل ڪئي. نيٺ، برطانيا جيڪو ائسبيسٽوس ڪمپنين جو اصل گهر هيو اتان جون ڪورٽون سندن ڪيس وڙهڻ لاءِ تيار ٿيون.

اٽڪل 5 سالن جي قانوني جنگ وڙهڻ کانپوءِ ڪمپني ڏئي وٺي ويهي رهي ۽ ڪاٽين کي سندن ڪري پهچندڙ هاڃي سبب لکين ڊالرن جيترو معاوضو ڏيڻو پيو. اڄ، دنيا جي ڪيترين ملڪن ۾، ائسبيسٽوس جي کوٽائيءَ تي ته گهڻن ملڪن ۾ ائسبيسٽوس جي استعمال تي به بندش آهي. نيٺ سال 2008 ۾ ڏکڻ آفريڪا جهڙي دنيا جي وڏ ۾ وڏ ائسبيسٽوس پيدا ڪندڙ ملڪ، ائسبيسٽوس جي استعمال ڪرڻ ۽ ٺاهڻ يا ان مان ڪنهن به قسم جي وکر ٺاهڻ تي پابندي هڻي ڇڏي.



# جڏهن ڪا کاڻ بند ڪئي وڃي ٿي

ڪنهن به کاڻ ۾ کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ان ڪمپني کي اهڙو اڀياس ضرور ڪرڻو پوي ٿو ته کوٽائيءَ جا ڪهڙا ماحولياتي ۽ سماجي مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. اهڙي اڀياس کي **'ماحول تي پوندڙ اثرن جي چنڊڇاڻ ڪرڻ'** (EIA) سڏجي ٿو (ڏسو ضميمو B) پوءِ ان مطابق هاڃن گهٽائڻ ۽ اهڙي ماڳ کي بند ڪرڻ لاءِ صفائيءَ جا ڪم ڪرڻا پون ٿا. ساڳئي وقت اها به پڪ ڪرڻ گهرجي ته ڪاٽين جي سرگرمين سبب اتي جي ماڻهن ۽ برادرين کي ٿيندڙ نقصان سبب پهچندڙ هاڃي جو معاوضو ملڻ گهرجي.

جڏهن ڪا کاڻ بند ڪئي وڃي ٿي تڏهن کوٽائي ڪندڙن کي، ڪاٽين جي سرڪاري اداري جي نظرداريءَ هيٺ اهو ماڳ اهڙيءَ طرح سان بند ۽ بحال ڪرائڻو آهي ته جيئن آئينديءَ جي استعمال دوران خ ثابت ٿي نه سگهي. ان سلسلي ۾ ڪاٽيون ڪ ڪمپنين ۽ ڪاريگرن کي گهرجي ته:




- زهريلا مادا، مشينون ۽ اهڙي جوڙجڪ/ سنجت اتان هٽائي ڇڏين؛
- سوراخ ۽ سرنگهون بند ڪر؛ خطرناڪ هنڌن تي جهنگلا ڏيئي ۽ اهڙن هنڌن جي واضح طريقي سان نشاندهي ڪري ڇڏين.
- زمين بحال ڪن ۽ اهڙي هنڌ تي صحتمند مٽي وجهي وڻ ٻوٽا پوک ڇڏين.
- پاڻيءَ جي متاثر ٿيل لنگهن کي به ڪن.
- جيسيتائين ممڪن ٿي سگهي ڪنو ي ڪندا رهن.

دنيا جي ڪن ملڪن ۾ کاڻ-ڪمپنين کي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ مالي ضمانت ڏيڻي/ بانڊ ڀرڻو پوي ٿو. جنهن جو مقصد اها پڪ ڪرڻ ٿئي ٿي ته اها ڪمپني، کاڻ بند ڪرڻ کانپوءِ اهو ماڳ صاف ڪندي. مالي ضمانت ان حالت ۾ استعمال ڪرڻي پوي ٿي جڏهن ڪمپني ڪنگلي ٿي وڃي ٿي يا وٺس ايترو پئسو نه ٿو هجي ته اها ان ماڳ کي بحال ڪري سگهي. پر جيڪڏهن مالي ضمانت زمين کي بحال ڪرڻ ۽ کوٽائيءَ سبب پيدا ٿيندڙ نقصانن جو معاوضو ڀري نه سگهي تڏهن ممڪن آهي ته ڪمپني پنهنجيون ذميواريون پوري طرح سان نڀائي نه سگهي.

اها پڪ ڪرڻ لاءِ ته ڪمپنيون پنهنجيون ذميواريون نڀائي سگهن ٿيون، برادرين يا سرڪار کي گهرجي ته شروعات ۾ ئي ايتريءَ گهڻي مالي ضمانت ڏيڻ جون ڳالهيون ڪن جنهن سان اهي مسئلا حل ٿي سگهن. ان لاءِ عام طور تي بهتر سمجهيءَ رٿا لاءِ هڪ وڏي مالي ضمانت وٺڻ ٿئي ٿي بجاءِ انجي ته مختلف حصن لاءِ ننڍيون ننڍيون ضمانتون وٺجن.

## تباهہ ٿيل زمين بحال ڪرڻ

جيڪڏهن کاڻ سبب زمين ۾ ان جو مٿيون حصو تباهہ ٿي ويو هجي تہ اها وقت سان گڏ آهستي آهستي بحال ٿي ويجي ٿي (ڏسو باب 11). پر جيڪا زمين کاڻ جي غلاظت ۾ ڪيميائي مادن سبب سخت متاثر ٿي ويئي هجي تہ انکي مڪمل طور تي بحال ڪرڻ ڏکيو ۽ مهانگو ٿئي ٿو. اصل ۾ ايترو ڏکيو جو اهڙيون ڪي چند مڪمل طور تي بحال ڪيون ويون آهن.



کاڻ کوٽڻ کانپوءِ ۾ بحالڻ کان اڳ ۾

تباهہ ٿيل زمين کي بحالڻ ۾ مٿس وڻ پوکڻ، کاڻ مالڪن ۾ کوٽائيندڙن جي ذميواري هجڻ گهرجي. جڏهن تہ برادرين کي پوءِ چاهي کين سرڪار جي سهائتا هجي يا نہ هجي عام طور تي کاڻ ڪمپنين تي دٻاءَ وجهي کانئن پڪ وٺڻ گهرجي تہ اهي اهڙي ذميواري نڀائي سگهنديون.

ڪوٽيل زمين بحالڻ ۾ مٿس ٻيهر وڻ پوکڻ لاءِ اهڙو اپاءُ وٺڻ ضروري آهي تہ جيئن زهريلي غلاظت اهڙي هنڌ کي لوڙهي يا نوڙهو ڪري نہ چڏي ۾ کاڻ جي تيزابي وهڪري لاءِ اپاءُ ورتو وڃي. اهڙي زمين کي زرخيز بڻائڻ لاءِ ڪيترن سالن تائين گهڻي محنت ڪرڻي پويٿي.

جيڪڏهن ڪنهن زمين جي سلامتيءَ ۾ ذميواريءَ سان کوٽائي ڪري نٿي سگهجي تہ اهڙي هنڌ کي کوٽڻ ئي نہ گهرجي.



نون ٻوٽن پوکڻ کانپوءِ اهي پنجن سالن ۾ مچي وڃن ٿا...



...پوکڻ جي 20 سالن کانپوءِ مڪمل پڪڙجي وڃن ٿا.




## ذميواري سان ٿيندڙ کوٽائي

کاڻيون کوٽيندڙ ڪمپنيون، عالمي بئنڪ ۽ ٻيون تنظيمون هاڻ، جنهن ڳالهہ جي تائيد ڪن ٿيون کي پائدار کوٽائي (sustainable mining) جي نالي سان سڏين ٿيون. جڏهن تہ وڏي پئماني تي ٿيندڙ کوٽائي هميشہ تباهہ ڪن ٿئي ٿي ۽ جنهن مقدار ۾ معدنيات سلامتيءَ وارن طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿي محدود ٿئي ٿي. کاڻين جي کوٽائي کي، بوم ٿو بسٽ (boom to bust) صعنت سڏجي ٿو يعني تہ، جڏهن ڪنهن نئين معدنيات جا ذخيرا لڀن ٿا تہ ڏهہ ئي آڱريون گِهہ ۾ هجن ٿيون پر جڏهن ختم ٿي وڃي ٿي تہ وري ساڳي غربت جي گهاٽي ۾ پيڙجڻو پوي ٿو. تنهن هوندي بہ اڃان تائين اهڙي ڪا ڳالهہ وجود نٿي رکي جنهن کي "پائدار کوٽائي" سڏي سگهجي ۽ جيئن تہ معدنيہ کو نواڻجندڙ ذريعو نہ ٿو ٿئي تنهنڪري سچ بہ نہ پائدار کوٽائيءَ" جو تصور ڪرڻ ناممڪن ٿئي ٿو.

### ماحولياتي ۽ سماجي رٿائون تيار ڪرڻ

کاڻين جي کوٽائيءَ جي سيني ڪمن ۾ ماحول جي بچاءَ ۽ برادرين جي گهرجن جي سهائتا جي رٿا شامل هجڻ گهرجي. جيئن تہ کاڻيون کوٽيندڙ ڪمپنيون، گهٽ ۾ گهٽ خرچ سان گهٽي ۾ گهڻو پئسو ڪمائڻ چاهين ٿيون تنهنڪري برادرين پاران مٿن اهڙن قسمن جون رٿائون تيار ڪرڻ جو دٻاءُ وجهڻ ضروري ٿئي ٿو. اهڙي قسم جي ڪنهن بہ رٿا جي موثر ٿيڻ لاءِ آسپاس جي برادرين کي اهڙن فيصلن ۾ شامل ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو. اهڙي ساڪائتي رٿا ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل ٿين ٿيون:

- برادرين جي شموليت سان ماحول تي پوندڙ اثرن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جوڪم موثر ثابت ٿئي ٿو.
- سماجي سهولتون جهڙوڪ: صحت مرڪز، اسڪول، پيئڻ جو صاف پاڻي، صحت صفائي ۽ اهڙيون ٻيون ضروري سهولتون مهيا ڪرڻ.
- کاِڻين، سندن ڪٽنبن ۽ متاثر ٿيندڙ برادرين لاءِ صحت سنڀال جا ڊگهي عرصي تائين هلندڙ جامع پروگرام
- کاڻيون بند ڪرڻ، زمين بحالڻ ۽ کاڻين ۾ ڪم ڪندڙن کي سلامتيءَ وارن ۽ پائدار ڪمن جي سکيا ڏيڻ.